**SCAN TO VERIFY**
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII مجريه 2021

# SINDHACT NO.XIII OF 2021

# سنڌ موٽر گاڏين ٽيڪسيشن (ترميم) ايڪٽ، 2021

# THE SINDH MOTOR VEHICLES TAXATION (AMENDMENT) ACT, 2021

## (CONTENTS)فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1958.2 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ نمبر XXXII جي شيڊول جي ترميم

Amendment of Schedule of West Pakistan Act No.XXXII of 1958

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIII مجريہ 2021

# SINDH ACT NO.XIII OF 2021

# سنڌ موٽر گاڏيون ٽيڪسيشن (ترميم) ايڪٽ، 2021

# THE SINDH MOTOR VEHICLES TAXATION (AMENDMENT) ACT, 2021

[17 جون 2021]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ موٽر گاڏيون ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ موٽر گاڏيون ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪي هيٺين ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ موٽر گاڏيون ٽيڪسيشن (ترميم) ايڪٽ، 2021 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2.سنڌ موٽر گاڏيون ٽيڪسيشن ايڪٽ، 1958 جي شيڊول ۾:

(a)جريان نمبر 1 ۾:

(i) شقن (a) ۽ (b) ۾ انگن ۽ اکرن "149cc" ۽ "150cc" ڪانپوءِ لفظ، انگ ۽ اکر "يا 11.8 ڪلو واٽس (K.W) جي برابر" شامل ڪيا ويندا؛

(ii)شق (c)جي ذيلي شقن (i) ۽ (ii) ۾ انگن ۽ اکرن "1000cc" ڪانپوءِ لفظ، انگ ۽ اکر "يا 49.7 ڪلو واٽس (K.W) جي برابر" شامل ڪيا ويندا.

(b) جريان نمبر 5 جي شق (b) ۾ ذيلي شقن (i) کان (vi) تائين شرطيه بيان سميت، هيٺين ريت تبديلي ڪئي ويندي:

| | | |
|---|---|---|
| "(i) | انجڻ جنهن جو پاور 1000c.c کان وڌيڪ نه هجي يا ان جي برابر ڪلو واٽس جهڙوڪ 49.7 K.W | 1,500/_ رپيا ساليانو |
| (ii) | انجڻ جنهن جو پاور 1000c.c کان وڌيڪ هجي پر 1300c.c کان وڌيڪ نه هجي يا ان جي برابر ڪلو واٽس جهڙوڪ 49.7 K.W پر 64.6 K.W کان وڌيڪ نه | 2,000/_ رپيا ساليانو |

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ نمبر XXXII جي شيڊول جي ترميم

Amendment of Schedule of West Pakistan Act No.XXXII of 1958

| | | |
|---|---|---|
| | هجي | |
| (iii) | انجڻ جنهن جو پاور 1300c.c کان وڌيڪ هجي پر 1600c.c کان وڌيڪ نہ هجي يا ان جي برابر ڪلو واٽس جهڙوڪ 64.6 K.W پر 79.5 K.W کان وڌيڪ نہ هجي | 4,000/- رپيا ساليانو |
| (iv) | انجڻ جنهن جو پاور 1600c.c کان وڌيڪ هجي پر 2000c.c کان وڌيڪ نہ هجي يا ان جي برابر ڪلو واٽس جهڙوڪ 79.5 K.W پر 99.3 K.W کان وڌيڪ نہ هجي | 4,500/- رپيا ساليانو |
| (v) | انجڻ جنهن جو پاور 2000c.c کان وڌيڪ هجي پر 2500c.c کان وڌيڪ نہ هجي يا ان جي برابر ڪلو واٽ جهڙوڪ 99.3 K.W پر 124.2 K.W کان وڌيڪ نہ هجي | 5,000/- رپيا ساليانو |
| (vi) | انجڻ جنهن جو پاور 2500c.c کان وڌيڪ هجي يا ان جي برابر ڪلو واٽس | 7,000/- رپيا ساليانو |

جهڙوڪ 124.2 K.W

بشرطيڪ شق (a) ۽ (b) ۾ ڄاڻايل موٽر گاڏين کان علاوه ڪمرشل گاڏين جي موٽر گاڏي ٽيڪس گاڏين جي پهرين رجسٽريشن ٽيڪس جي ڏهہ سالن ۽ پندرنهن سالن مڪمل ٿيڻ تي پنجهتر سيڪڙو ۽ پنجاهہ سيڪڙو ٽيڪس ترتيبوار ادا ڪئي ويندي.

بشرطيڪ وڌيڪ تہ c.c کان K.W تائين تبديلي جو فارمولا هيٺين ريت هوندو:

(a) 1 KW=1.34102 HP (Mechenical Horsepower) or 1 Hp=7457 watts; and

(b) 1 Hp=to 17c.c.''.

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**